# ڏکيل موتي

عطا محمد حامي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جامي صاحب جي پهرين ورسي ۽
٣- جون ١٩٨٣ع جي موقعي تي شايع ٿيل

# ”وکريل موتي

## ( ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مقالا )

ليکڪ

ڊاڪٽر عطا محمد جامي

سهيڙيندڙ

مقصود گل



سنڌي ڪتابي سلسلو رڏو ديرو جو پهريون ڪتاب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حق سهيڙيندڙ وٽ محفوظ

ٽائيٽل:- فتاح هاليپوٽو

اسڪيچ:- قاضي اختر

ڇپائيندڙ:- سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتوديرو

ڇاپيندڙ:- المدينه آرٽ پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو

ٽائيٽل ڇاپيندڙ:- نديم پرنٽرس حيدرآباد

ڇاپو:- پهريون

ڪاپيون:- هڪ هزار

سال:- مئي ١٩٨٣ع

ملهه:- اٺ رپيا

## ملڻ جو هنڌ:-

١- شفيع بڪ اسٽور لاڙڪاڻو

٢- محمد خان سيال نئون ديرو

٣- اسلام الدين رتو ديرو

# ارپڻا

انهيءَ جيجل امڙ جي نالي
جنهن حامي صاحب جهڙي
عظيم انسان کي جنم ڏنو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "خداگواهه"

سمجهون ٿا تنهن جو ذڪر عبادت خدا گواهه
جنهن سان اچي ٿي روح کي راحت خدا گواهه

—

ٻي ڪا ڏي وچڻ جي ناهي ضرورت خدا گواهه
ڪافي ٿا سمجهون تنهنجي عنايت خدا گواهه

—

جنهن ڏي ڏسين ٿو تنهنکي ٿو ماري ڪرين مطيع
تنهنجي نظر ۾ آهه ڪرامت خدا گواهه

—

تنهن جي قدم قدم سان ٿو محشر بپا ٿئي
تنهن جو هلڻ ٻه آهه قيامت خدا گواهه

—

ساعت ٿئي ٿي سال جي تنبوڪان سوا سڄڻ
تو ساڻ سال پي ٿئي ساعت خدا گواهه

—

ڪنهن سان ٻه ڪائنات ۾ ڪلفت نه ٿا رکون
مذهب اسان جو آهه محبت خدا گواهه

—

تنهن جي گهٽن جي ڳالهه جڏهن ياد ٿي پوي
وسري وڃي ٿي ساري شڪايت خدا گواهه

—

جنهن ۾ ضمير کي ڪا ضرورت ضرر وجهي
تنهن زندگي جي ناهه ضرورت خدا گواهه

—

جنهن ساڻ ڪائنات کي قائم رکيو وڃو
سا آهه تنهن جي عشق جي طاقت خدا گواهه

—

دشمن ٻه ڪو اڱڻ تي لڙي تو اچي نه پو
"حامي" ڪريون ٿا ان جي ٻه عزت خدا گواهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




جم:- ۱- جنوري ۱۹۱۹ع وفات ۳- جون ۱۹۸۳ع

هڪڙو حامي ڇا رسي ويو آهي
شهر ميرن جو رلي ويو آهي
هر طرف رنج غم پيو ڏسجي
سنڌ جو ساز ڳي ٽٽي پيو آهي

"بدر" قريشي
ڪراچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "وچـــور"


ادارو .... .... .... .... ....

پلاءُون ۽ پيرا .... .... .... .... ....

سهاڳ .... .... .... .... ....

پريت ۽ پچار .... .... .... .... ....

هن مجموعي متعلق .... .... .... .... ....

کهڙن جا مخدوم .... .... .... .... ١

راڻيپور جا پير .... .... .... .... .... ١٩

پاڳارا پير .... .... .... .... .... ٢٣

ڪنڊڙيءَ جا ڪلتار .... .... .... .... ٢٩

ڪلجڳ جو ڪاپڙي .... .... .... .... .... ٣٧

خيرپور جي حڪمرانن جون علمي ۽ ادبي خدمتون ٤٢

خيرپور جا ڪوهيري .... .... .... .... .... ٤٩

خيرپور جا مري بلوچ .... .... .... .... .... ٥٣

رياست خيرپور ۾ تعليم .... .... .... .... ٦١

ڪرڙي جو داستان .... .... .... .... .... ٧٢

سچل جو ڪلام ۽ ان جا ناشر .... .... .... ٨٠

سچل سائينءَ جو فارسي ڪلام .... .... .... ٨٤

سچل سائين جو آفاقي پيغام .... .... .... .... ٩٠



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران ........

سنڌڙي ڪتابي سلسلي جو بنياد چند سڄڻن جي سهڪار سان ١٩٨١ع ۾ رکيو ويو هيو مگر ڪن مجبورين ڪري اسان پنهن جي پروگرام کي عملي چادر ڍڪائي نه سگهياسون.

اسان کي خوشي آهي جو اسان پنهنجي هن ڪتابي سلسلي جي شروعات سنڌ جي ڄاتل سڃاتل استاد، اعلي اديب، مهان محقق ۽ شهنشاه شاعر ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جي ڪتاب وکريل موتي سان ڪري رهيا آهيون.

"وکريل موتي" حامي صاحب جي ڇڙوڇڙ مقالن جو گڏ آهي جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي. اوهان هاڻ وکريل موتين کي ڳڪي ٽوري ۽ پوريءَ ريت پرکي اسان کي اسان جي اوڻاين کان واقف ڪريو ته جيئن اوهان جون نيڪ صلاحون ۽ مشورا اسان کي پنهن جي آئينده پروگرام سنوارڻ ۾ مددگار ٿين.

قاضي عبدالحي "قائل" سرشاري

نگران

سنڌڙي ڪتابي سلسلو

رتوديرو

٢٣- مئي ١٩٨٣ع المنظر رتوديرو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الــف

## ٤٨٦

# ”مهاڳـــ“

سنڌ جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ سياسي تاريخ نهايت روشن آهي، پر وقت، حالتن، اسان جي اڻوجهائي ۽ ڪسر نفسيءَ سبب ان تي ڪارا ۽ اونداها ڪڪر ڇانئجي ويا آهن. چوندا آهن ته ”سج ڪو تريءَ هيٺان لڪو آهي؟!“ ان مصداق مطابق، سنڌ جي سونهن جو سوجهرو، وچ وارا وراڪا ڏيئي، ڪڪرن ڪي ڪتيءَ نمودار ٿي، پنهنجي تجلي جي تاب سان، اکيون ڪيرڀون ڪندو رهيو آهي. سنڌي سيتا جي سندرتا تان اونداها پردا هٽائڻ جي سلسلي ۾ جهڙي پاهرين عالمن، مورخن، محققن ۽ سياحن پنهنجون صلاحيتون صرف ڪيون آهن؛ اتي سنڌ جي سپوتن به وسان ڪين گهٽايو آهي، ۽ ان جي سينڌ سنوارڻ ۾ پنهنجي سڄاڻپ، سچيتائي ۽ سچائيءَ جو ثبوت ڏيئي، خواب کي سايبان ڪري ڏيکاريو آهي.

سنڌ جي اهڙن عالمن، مورخن ۽ محققن ۾ ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم جو نالو به نمايان حيثيت رکي ٿو. هو خوش خلق، خوش اخلاق ۽ شاهه خرچ انسان هو. وير وروڌ، بچاء ۽ بيزاري، نفرت ۽ حقارت هن جي ويجهو ئي نه ايندا هئا. انسان دوستي، رواداري، سڪ ۽ ساڃاهه، مهمان نوازي ۽ وفاداري عفو ۽ درگذر، ڏکن کي سکن جي سونهن سمجهڻ، لڙڪن کي

ڪتابي صورت ۾ شايع ڪري رهيو آهي. سندس وفا شعاري، علم دوستي، سنڌي زبان ۽ ادب جي خدمت جو جذبو قابل تعريف به آهي، ته قابل تقليد پڻ. مر مرڪي سندس والد بزرگوار سنڌي زبان جو بلند پايه اديب ۽ شاعر محترم قاضي عبدالحي "قائل" صاحب جنهن پنهنجي فرزند جي اهڙي تربيت ڪئي، ۽ خوش قسمت هو ڊاڪٽر حامي مرحوم جنهن کي اهڙو سلڇڻو ۽ سدورو شاگرد مليو.

مقالن جو مجموعو اوهان جي هٿن ۾ آهي، جيڪو اميد آهي ته پنهنجي اهميت ۽ افاديت جي مد نظر سنڌ جي علمي، تحقيقي ۽ تاريخي ڪتابن ۾ مکيه جاءِ والاريندو

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
(ت.١٠)
ميمڻ محلو، لاهوري لاڙڪاڻو
١٠ مئي ١٩٨٣ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي وينا هثوراڙيون ڏيون. راڪا ۽ رکوالا به ته ڪي وڻجهار ٿي ٿيندا جي مالڪ موتي سڃاڻن ۽ سندن قدر قيمت ڄاڻن، باقي جي لوهه ڪٽيون لوهار تن کي ڪهڙي ڪل پوندي؟ جن جي پنهن جي اندر ۾ خيال جي گهرائي آهي، پيءَ زندگيءَ جي عميق ۾ به اهي ئي لوپيا جهاني پاڻي سگهندا. جي دليون فقط متاڇري تي گذر سفر ڪرڻ جون عادي آهن اهي ته سطحي ڪک پن ئي پسي سگهنديون الله پاڪ اوهانکي پنهنجي ارادن ۾ ڪاميابي عطا ڪري ۽ استاد حاميءَ جي ”پربت ۽ پڇار“ کي اڳيرو ڪرڻ جي توفيق بخشي. آمين

دعاگو

علي احمد بروهي

٣٨- اي سنڌي مسلم هائوسنگ
سوسائٽي ڪراچي
١٦- مئي ١٩٨٣ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن مجموعي متعلق

سنڌ ۾ وقت بوقت بلند پايه اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن. ناميارن عالمن، محققن ۽ شاعرن ۾، استاد عطا محمد حاميءَ جو نالو نه وٺي، سچ کي ترڪ ڪرڻ جي مترادف ٿيندو.

ساڻس ڪيئي ملاقاتون ڪيم ۽ ڪيئي ڏهاڪا ٿيا. انهن ٿورن جي پڙاڏي ۾ علم جي پالوٽ، گفتار جي رفتار ۾ ناصحانه نڪتا، خلوص ۽ سنڌي زبان لاءِ سچي محبت ڏٺم. زماني جي زيب خاطر "ڊاڪٽري" سند ته عمر جي آخري حصي ۾ کيس ملي، مگر انهيءَ زينت، زيبائش ۽ ظاهري ڏيک ويک کان سندس مقام گهڻو مٿاهون هو. هو زنده دل ۽ نيڪ نيت انسان هو، ۽ هميشه هشاش بشاش نظر ايندو.

سندس مضمون ۽ مقالا، سنڌ جي معياري رسالن ۽ اخبارن ۾ طويل مدت کان شايع ٿيندا رهيا، جن ۾ صداقت، سوچ، لوچ، ۽ حد کان زياده عرق ريزي شامل آهي. حالانڪ جامي صاحب هروقت عوامي لهجي ۾ آجيان ڪندو هو، مگر سندس اديبانه انداز ۽ شريفانه گفتگو، وڏن وڏن محققن جي دلين تي چانئيل رهي، مخلص ۽ مهمان نواز ته حد درجي جو هو. ڏکي سکي دوستن ۽ دل گهرين جي ڪم اچڻ سندس عادت ۾ شامل هو. هن پنهنجي ضلعي جي تاريخ ۽ ثقافت کي سنڌ جي عوام آڏو آڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، خاص ڪري سچل سرمست ۽ رچل جي فڪري گهرائيءَ بابت سندس محنت صدين تائين ساراهي ويندي.

هي مجموعو، سندس لائق شاگرد ۽ سنڌي زبان جي ناماري شاعر، محترم قاضي مقصود "گل" جي دلي عقيدت جو مظهر آهي. مواد گهڻي ڀاڱي ڇپيل آهي، مگر ڪجهه اڻ ڇپيل مواد به، فاضل مرتب هٿ ڪري، استاد حاميءَ لاءِ جنهن عقيدت ۽ احترام جو ثبوت ڏنو آهي، ان لاءِ هو ڪروڙين [illegible] لهڻيون.

سنڌي ادب جو ادنيٰ خادم

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

غفور آباد، ميمڻ محلو

لاڙڪاڻو ۲۴- مئي ۱۹۸۳ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# "ڪهڙن جا مخدوم"

خيرپور ضلعي جي شهر ڪهڙن جا مخدوم هڪ اهڙي مشهور معروف خاندان سان واسطو رکن ٿا جو پاڻ سان هڪ وڏو تاريخي پس منظر رکي ٿو ۽ جنهن تي نه فقط سنڌ پر هند ۽ پاڪ جي سموري سرزمين ناز ڪري ته بلڪل بجا ٿيندو. اهي مخدوم حضور پاڪ ص جن جي پياري چاچي حضرت عباس جو اولاد آهن. سندن وڏو ڏاڏو مخدوم محمد ابراهيم (١) خليفه معتصم جي ڏينهن ۾ عرب جي آبادي ڇڏي دين جي اشاعت لاءِ سنڌ ۾ آيو ۽ نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) جي ڀرسان ڪلور جي ٽڪريءَ وٽ سڪونت پذير ٿيو. هو هڪ باڪمال درويش هيو. دين ۽ دنيا جي علوم جو اڪابر ۽ عالم باعمل هيو. عام طور تي کيس ڪلور وارو بزرگ، ڪري سڏيندا هيا. اهو لفظ گهڻي استعمال سبب ڪلهوڙو مشهور ٿي ويو آهي ۽ سنڌ جي عباسين تي ڪلهوڙا جو نالو به اتان ئي پيو آهي

---

(١) محمد ابراهيم بن اسحاق بن معروف بن محمد بن عبدالله بن محمد بن علي بن عبدالله بن عباس رضي الله عنهم .

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سخت ني ڪاربند رهيو ۽ دين جي تجديد ۾ ڪوشش ڪندو رهيو. هن جي ڏينهن ۾ سنڌ تي انگريزي حڪومت جو تسلط قائم ٿي ريو. هڪ دفعي ڳسبت تعلقي جي هڪ ڳوٺ ۾ سياڳي نالي هندوءَ کي مسلمان ڪيائين جنهن تي مير علي مراد خان جماعت ڪثير سان قلعه احمد آباد عرف ڪوٽ ڏيجي ۾ ڪيس پنج مهينا قيد رکيو. مخدوم صاحب جي جماعت سماع جي حالت ۾ بي اختيار ڪجهه بد دعا جا فقره ڪيا:-

"مير لڳندو تير ياران دين نبيءَ جي" يا

"ڪوٽ لڳندي چوٽ هونديون ڇنگان چوٽري ۾"

ٿورن ڏينهن اندر دين وارن جو هڪ هڪ لفظ پورو ٿيو. مير صاحب کي اوچتو هڪ حرجي هٿان تير لڳو ۽ ڪوٽ ۾ قيدين فساد شروع ڪيو جو تمام گهٽي ردو بدل بعد دور ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ڪوٽ مان قيدخانو ڪڍي ڇڏيائون. مخدوم صاحب تاريخ پهرين ماه صفر سنه ١٣٢٦ هجري ۾ هن جهان مان لاڏائو ڪيو ان کان پوءِ مخدوم محمد عاقل ثالث مخدوم نيڪ محمد، مخدوم شفيع محمد سجاده نشين ٿيا. پوئيون تا حال زنده آهي ۽ پنهنجي وڏن جي پيروي ڪندو رهي ٿو.

"نئين زندگي"

"جنوري ۽ فيبروري- ١٩٥٨ع"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# راڻيپور جا پير

راڻيپور جي پيرن جي درگاھ سن ١١٩٥ھ هجري مطابق ١٧٨٢ع ۾ قائم ٿي، جڏهن بغداد جي پير، سيد عبدالعزيز جا ٻه صاحبزادا سيد محمد شاھ ۽ سيد احمد شاھ تبليغ جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ آيا. ڪلهوڙا خاندان جا حاڪم سيد پاڙن جي خانداني وجاهت ۽ شخصيت کان گهڻو متاثر ٿيا، ۽ سندن روحاني ڪمالات ڏسي سائن عزت ۽ احترام سان پيش آيا. کين سنڌ ۾ رهي تبليغ ڪرڻ جي اجازت ڏنائون. ٻئي صاحبزاده حيدرآباد ۽ خداآباد کان تبليغ ڪندا، ان وقت جي وڏي قاضي مخدوم احمدي وٽ کهڙن جي شهر ۾ آيا، ۽ پورا ٻارهن مهينا سندن مهمان ٿي رهيا، ان کان پوءِ هو مخدوم صاحب جي ڪوشش سان راڻيپور ۽ گمبٽ ۾ ديني مرڪز کولي ويهي رهيا (١) ۽ ولنديز خاندان مان شاديون ڪيائون سندن روحاني فيض کان متاثر ٿي ٻي انداز ماڻهو سندن مريد بڻجي ويا ۽ ڪيترن هندن کي مسلمان ڪيائون (٢).

چون ٿا ته متي ذڪر ڪيل پاڙن مان سيد محمد شاھ هڪ دفعو اڳ به سنڌ ۾ آيو هو، پر کيس ترڪي حڪومت جو جاسوس سمجهي سنڌ ۾ رهڻ نه ڏنو ويو هيو. هو کيس گمبٽ ۾

(١) الله بخش مخدوم: تذڪره مخاديم کهڙا.

(٢) زباني روايت پير محمد شاھ آف گمبٽ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ۽ وڏي عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هو. پير صالح شاهه ١٩٣٥ع ۾ وفات ڪئي (٤) سندس سجاده نشين سيد احمد شاهه ثاني ٿيو، جيڪو وڏو قابل ۽ رسوخ وارو پير ٿي گذريو آهي پاڪستان جا صدر ۽ ٻيا ڪيترائي امير ۽ وزير سائس دوستي رکندا آيا هن ١٩٦٣ع ۾ وفات ڪئي.

پير احمد شاهه ثانيءَ جي وفات کان پوءِ پير موران سائين رانيپور جو پير آهي. جيڪو پنهنجي وڏن جي گادي وسائيو ويٺو آهي.

---

(١) مزار جو ڪتبو.

(٢) الطاف اثيم ” ساعت ساعت راهه نهاريان “ ناريجا پريس دادو ص ٢٨



# پاڳارا پير

سنڌ جي مشهور ۽ معروف راشدي خاندان جو وڏو پير محمد راشد ولد سيد محمد بقا شاهه لکياري هڪ وڏو اهل دل درويش ۽ با ڪمال بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس خاندان جو مورث اعليٰ سيد علي مڪي چوٿين صدي هجري ۾ عراق (سامري) کان هجرت ڪري پنهنجن هڪ سئو ساٿين سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو (۱).

پير محمد راشد جو والد سيد محمد بقا شاهه ولد سيد امام علي شاهه پهرين شعبان ۱۱۳۵ هه مطابق ۱۷۲۳ع ۾ ڪوٽ رسولپور عرف ساڏي نندي ۾ ڄائو، ۽ ظاهري علمن جي تحصيل ڪان پوءِ مخدوم محمد اسماعيل پريالوءَ واري ۽ سيد عبدالقادر شاهه ثاني چناهه واري کان روحاني فيض حاصل ڪيائين. هو تاريخ ۹ ربيع الثاني ۱۱۹۸ هجري مطابق ۱۷۸۴ع ۾ چوڙن هٿان شهيد ٿيو. سندس مزار سابق رياست خيرپور جي مقام شيخ طيب ۾ آهي. هو پٽ ڌڻيءَ جي لقب سان مشهور آهي (۲)

پير محمد بقا شاهه کان پوءِ سندس فرزند پير محمد راشد رشد و هدايت جي مسند تي ويٺو. سندس ولادت ۱۱۷۰ هه

---

(۱) اعجاز الحق قدوسي "تذڪره صوفياءِ سنڌ" ص ۱۰۸

(۲) عطا محمد مرزا "تاريخ تازه نوائي معارڪ" ص ۵۹

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان پسوءِ پير صبغت الله شاهه ثاني ٻارهن سالن جي عمر ۾ تخت نشين ٿيو. هو ننڍي هوندي کان وٺي آزاديءَ جي جذبي سان سرشار هو ڪيس انگريزن ڌارين جي حڪومت کان سخت نفرت هئي. انهيءَ نفرت جي جذبي سبب انگريزن سان جهاد ڪيائين، جنهن جي نتيجي ۾ تاريخ ٢٠ مارچ ١٩٤٣ع تي شهادت جو جام پيتائين (٣)

هن وقت پاڳارن جي گادي تي پير صبغت الله شاهه ثاني جو وڏو فرزند پير شاهه مردان شاهه ثاني عرف سڪندر شاهه آهي. سندس ولادت جي تاريخ ٢٢ نومبر ١٩٢٨ع آهي (٤) سندس ڪوشش سان حر جماعت بلڪل منظم ٿي ويئي آهي پاڪستان ۽ هندستان جي ٻنهي جنگين ۾ پير صاحب جي مريدن مسلمان قوم جي دل کولي مدد ڪئي ۽ شجاعت جا جوهر ڏيکاريا.

---

(٣) زباني روايت منشي محمد ٻڍل.

(٤) ساڳيو

# خيرپور جي حڪمرانن جون ديني ۽ علمي خدمتون

خيرپور جا ٽالپر حڪمران وڏا اديب، علم دوست ۽ ادب نواز هئا. جن وٽ فيض وارن فقيرن، اهل دل درويشن ۽ باڪمال شاعرن جا ميڙا متل هوندا هئا. هو علم پرور، سخن سنج ۽ نڪته دان هجڻ سان گڏ فياض به هئا. سفر توڙي حضر ۾ عالمن فاضلن ۽ شاعرن جي جماعت ساڻن گڏ هوندي هئي.

ميرن جي ڏينهن ۾ تعليم جو انتظام وقت جا پيرَ، فقير ۽ عالم سنڀاليندا هئا. بزرگن جي خانقاهن ۽ درويشن جي درگاهن جا گادي ڌڻي، وڏا وڏا عالم گهرائي پاڻ وٽ رکندا هئا، جتي عام توڙي خاص ماڻهن جا ٻار اچي، علم حاصل ڪندا هئا. انهن درگاهن جي خرچ پکي جي پورت لاءِ حڪومت جي طرفان جاگيرون ۽ لوازما ملندا هئا. هتي خيرپور جي ٽالپر حاڪمن جي ديني ۽ علمي خدمتن جو مختصر خاڪو پيش ڪجي ٿو.

## (١) مير سهراب خان اول

هي خيرپور جي حڪومت جو باني هو. وڏو عالم ۽ علم دوست حاڪم ٿي گذريو آهي. جهڙو جنگجو پهلوان هو، تهڙو سخنگو ۽ سخندان هو. وٽس علم ادب جون وڏيون ڪچهريون ٿينديون هيون. آخوند محمد نشان فاروقي، قاضي محمد ڪامل لقماني ۽ خان محمد پيرزادو سندس درباري شاعر هئا. سندس فرمائش

# ”خيرپور جا کهيڙي“

خيرپور جي ميرن وٽ کهيڙن جي خاندان کي وڏي اهميت هوندي هئي. هي خاندان پاڻ کي شاهه عمر قتال جو اولاد سڏرائيندو آهي ۽ چوندو آهي ته کهيڙي نعمت شاهه سان گڏجي، مڪران مان هجرت ڪري، بلوچستان جي علائقي ڪڇي ۾ آيا هئا، جتان ڪهن بگٽي بلوچن تڙي ڪڍيو هو. ۽ هو بهاولپور ۾ وڃي رهيا هئا (۱)

خيرپور ۾ هن خاندان وارن کي شاهاڻي به سڏيندا آهن. خيرپور جي حاڪم مير سهراب خان جو مشهور سپهه سالار گولي شاهه کهيڙي به بهاولپور مان آيو هو. مير صاحب کيس ڪوٽ ڏيجي کان اتر طرف ڇهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ٽنبو ٻڌرائي ڏنو هو. جيڪو اڄ به ٽنبو شاهه جي نالي سان هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. ڪجهه وقت کان پوءِ گولي شاهه خيرپور ۾ اچي ويٺو، جتي اڄا تائين سندس اولاد مان ڪجهه ماڻهو رهن ٿا. هو هڪ وڏو پهلوان ٿي گذريو آهي. هن ۱۲۳۷ هجري مطابق ۱۸۲۱ع ۾ وفات ڪئي (۲) سندس مقبرو قادر بخش جي قبن واري مقام ۾ آهي. گولي شاهه جي وفات کان پوءِ سندس فرزند غلام مرتضيٰ شاهه ميرن جي لشڪر جو وڏو سالار بڻيو. هي پنهنجي والد وانگر وڏو دلير ۽ مشهور مرد ٿي گذريو آهي. خليفي نبي بخش

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغاري سنڌس تعريف ۾ ڪافي بيت چيا آهن، جن مان هي-ٺيان
مشهور آهن (٣)

هــي ڪــل ڪــولــي شــاهه
پــرڪــا ڪارڻ ٿــوڪــيــو
ڪنــدو ســمــجهه صــبــاح
مـقــابــلــو مــيــدان ۾

مرڪايائين مير، پٽ پاڙيائين پانهنجي
اهڙو مرد منير، گهر سپاڪي سيجي.

.... .... .... .... ....

ســومر، مرڪي ميو، ملهه جنهنجو مرتضا،
ڏهائي دشمن کي ڪنڌ ۾ ڪــوڙي ڪير،
هادي همگير، هٿي ڪنــڌ هٿــن ســان

.... .... .... .... ....

مرتضي جي من ۾، وڙهــڻ جــي واڌــي،
شجاع ســالم ســنگــتي ســائــس سپــاهــي،
قــضا الاهــي، آئــي ســر امــيــر جــي.

هو حيدرآبادي ميرن جي سالار سيد ڪاظم علي شاهه جو
گهاٽو دوست هوندو هو. سندس شجاعت جون ڳالهيون ملڪن ۾
مشهور آهن خيرپور جي مشهور شاعر ڪربلائي جي لفظن ۾ (۴)

درين عالمي مــرد ضيغم لقــا،
نباش دگر چــون غلام مرتضــا

هو ڪرڙ جي جنگ ۾ شجاعت جا جوهر ڏيکاريندي تاريخ
١٨ شعبان ١٢٦٩ هجري تي شهيد ٿيو. کيس پنهنجي والد واري
قبي ۾ دفن ڪيو ويو.

هن خاندان مان اسماعيل شاهه ۽ دائم شاهه به وڏا پهلوان

## حوالا

(۱) " بلوچستان گزيٽيئر" جلد اي وي، ٽائيمس پريس بمبئي ۱۹۰۷ع صفحي ۴۴.
(۲) گولي شاه جي مزار جو ڪتبو
(۳) نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر خليفي صاحب جو رسالو ص ۴۴.
(۴) محمد عالم ڪربلائي " شاهه نامو ڪرزي فارسي " قلمي، ص ۱۲ .
(۵) زباني روايت حيدر شاهه هاشمي ساڪن خيرپور .
(۶) زباني روايت مرادي رئيس خان ساڪن خيرپور

# "خيرپور جا مري بلوچ"

مري بلوچ اصل ۾ رند آهن "مري" جو لقب کين رندن جي سردار مير چاڪر خان ان وقت ڏنو هو، جڏهن هو مغل شهنشاهه همايون جي مدد لاءِ وڃي رهيو هو. مرين جي مورث اعليٰ بجار خان، مير چاڪر خان سان گڏجي وڃڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ هن کيس "مري" يعني ضدي سڏيو هو. ان وقت کان وٺي بجار خان ۽ سندس راڄ مري سڏجڻ ۾ آيا (۱)

مرين کي ميرن جي حڪومت ۾ وڏي اهميت هوندي هئي. هو نه فقط فوجي سردار، پر ميرن جا رشتيدار به هوندا هئا. سندن وڏو ڏاڏو مير حاجي خان ولد مير نبي داد خان، ڪاهان جي علائقي مان لڏي سنڌ ۾ آيو هو. هو ٽالپرن جي مورث اعليٰ مير سليمان خان عرف ڪڪي خان جو سهرو هو. کيس هيٺين نالن سان ست پٽ هئا.

مستي خان، جعفر خان، ابراهيم خان، حيدر خان، شادي خان، شهداد خان، دولت خان ۽ شڪل خان انهن جي " اولاد

(٩) زباني روايت مرحوم رئيس مير محمد خان مري
(١٠) زباني روايت مرحوم رئيس مير محمد خان
(١١) تاريخ جاگيرات سنڌ ص ٢٢٧.
(١٢) ساڳيو
(١٣) زباني روايت زوار عبدالحسين خان مري ساڪن ٽنڊو مستي خان
(١٤) ساڳيو
(١٥) ساڳيو
(١٦) خانداني شجرو، رسول بخش خان مريءَ وارو
(١٧) مير دوست محمد خان ٽالپر. "سرگذشت ٽالپران"
(١٨) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "خليفي جو رسالو" سنڌي بورڊ ١٩٦٦ ص ٧٤
(١٩) عطا محمد منشي مرزا تاريخ تازه نواء معارڪ ص ٣٠٦
(٢٠) عطا محمد ڪربلائي "شاهنامو جنگ ڪرڙي" قلمي.
(٢١) زباني روايت رئيس باقر خان ساڪن ٽنڊو مستي خان.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رياست خيرپور ۾ تعليم"

اوائل ۾ خيرپور سنڌ جو هڪ حصو هئي مگر جڏهن ڪلهوڙن جي ڪمال جو سج لٿو ۽ سنڌس زوال جي شام ظهور ۾ آئي تڏهن ميرن جي صاحبيءَ جا ستارا چمڪڻ لڳا ۽ سنہ ۱۷۸۳ع ۾ مير فتح علي خان سنڌ کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو. اتر سنڌ واري ڀاڱي خيرپور جي جدا گانہ حيثيت اختيار ڪئي ۽ انهيءَ حصي تي سهرابي سڪو جاري ٿيو. مگر قدرت کي اها صورت به گهڻي تائين پسند نہ آئي. سنہ ۱۸۴۳ع ۾ رستم. دوران جي گهر ۾ نفاق جا سلا ساوا ٿيڻ لڳا ۽ بعد فرنگي گهر جو گهڻو حصو اڏائي ۱۸۸۲ع ۾ موجوده حصي جي حد بندي تي اڪتفا ڪئي. انهيءَ سال کان وٺي ملڪ جو هي ڀاڱو هڪ ڏيهي رياست جي صورت ۾ آيو. ان وقت کان اڄ تائين اهو ملڪ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ بتدريج ترقي ڪندو رهيو آهي. هن نشست ۾ اچو ته سندس تعليم بنسبت به اکر پيش ڪندس. اوائل ۾ هتي جي تعليم جو سر چشمو انهن مدرسن تي محدود هيو جي حڪومت جا محتاج نہ هوندا هئا ۽ انهن جي جوابداري صرف بزرگان دين تي هوندي هئي ۽ حڪومت خود پنهنجي بقا جو دارو مدار انهن جي دعا سان وابستہ سمجهندي هئي. ميرن جي زماني کان اڳ به اهان وٽ روحاني فيض جا ٽي مرڪز هوندا هيا. کهڙا ۲- رانيپور ۳- هنگورجا،

ڪوبہ انهيءَ امتحان ۾ نہ ويٺو.

آخر ۾ مان انهن مشاهير سنڌ جا نالا پيش ڪيان ٿو، جن اسان جي رياست جي سر علمراد اسڪالر شپ جي امداد سان تعليم حاصل ڪئي.

مسٽر عاقباڻي ڊائريڪٽر آف هيلٿ ( سنڌ )

٢- مسٽر عبدالعليم فرسٽ ڪلاس حيدرآباد

٣- مسٽر محمد بخش هاءِ ڪورٽ جج

٤- مسٽر عبدالرزاق ميمڻ مرحوم سابق ڊي. پي آءِ خيرپور

٥- ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل حيدرآبادي

هيٺيان حضرات رياست ۾ فري بورڊر ٿي رهيا آهن.

١- مسٽر غلام محمد شاهہ هالائي

٢- مدد علي شاهہ ڪليڪٽر

٣- آخوند محمد عالم ڊپٽي ڪلوڪٽر

٤- پير الاهي بخش سابق وزير سنڌ

٥- مسٽر علي محمد سيال

٦- مسٽر راهو احمد بخش صاحب

٧- مسٽر احمد علي صاحب ڏکڻ

٨- مسٽر غلام قادر جهڪب آبادي

٩- مسٽر محمد يونس ڊپٽي ڪليڪٽر

١٠ مسٽر ميمڻ جيٺل صاحب

١١ شيخ نور محمد طوطل ڪليڪٽر

١٢ مسٽر امير بخش خان ڪليڪٽر.

١٣- دين محمد مئنيجر الـ وحيد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۴ مسٽر عمادالدين شيخ ڪليڪٽر ۽ پياءُ انهي کان سواءِ مسٽر ڦل، ڪليڪٽر، مسٽر کيهر وزير سنڌ ۽ ڊاڪٽر جعفري صاحب اي. آءِ ۽ مسٽر بلوچ جهڙيون هستيون به اول اسان جي رياست مان تعليم پرائي پوءِ انهيءَ ترقيءَ تي رسيون آهن.

اميد آهي ته اسان جي رياست جون ٻيون به تيئن تعليمي ترقي ڪندي رهندي.

(هي مقالو خيرپور تعليمي ڪانفرنس ۾ پڙهيو ويو هو.)




ڪي لهي وڏ ڦڙو واڪا ڪري ويتر وڪارو،
جئن ساوڻ ماهه درياهه ۾ ٿئي ڏو ڏو ڏڏڪارو،
تئن سمندر جي سپاهه ۾ تنهن مريءَ وڏو مارو،
جئن بناور بازيون ڪري سڀ پڙ سوڀارو،
تنهن روح اتي رت ڇاڻ ڪئي جنهنجي ارڻ استارو،
اتي اتارو عزرائيل اچي اڏيو.

وري سمندر خان جي لشڪر کي ٻ داد ڏيندي چوي ٿو.

هوڏنهن افغانن جي اڙدسان هوسر ڪردو سمندر،
تنهن سان پلتيماز پٺاڻ هئا سڀ دراني لشڪر،
تن جوانن کي جنگ جو هو ڏاڍو هٿ هنر،
ڪيئون گهڻي باهه بندوق جي ٿيو مچي مچ منگر،

غلام مرتضيٰ شاه جي جنگ تي نڪرڻ جو نمونو ملاحظ ڪيو.

هڏي خبر شاه غلام مرتضيٰ غازي ڪانديءَ جي ڪڪمل،
سو مانجي مل محمود جان هو اڙدو سان عمل،
رستم ۽ بهرام جان هئي داڏهه دست اچل،
تنهنجي سهڻي سينگاري وڏا مٿي ٽاڙن ٽل،
زينا روپي سون جون بنا تي ٻخمل،
هنا هزارين تي پيا، موتين سان مڙهيل،
سريون نخنا سون جا ڪانٽن سان ڪڙيل،
سڪڻهارا موهي رنگي لعل رتل؛
لوند لعل لغام سي جن تي سونهن سونا قل.
پيا گردا گرد جڙاؤ ٽيا دوهر مٿي جهل،
دنبالن تي دمچيون پيا چاندي برج چٽيل،
گل ميخن گلزار ڪيا ۽ گاديون برت پٽريل،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن تي ڪشيا بالا تنگ بناو سان طرح وڏي تجمل
ساز سمالا سون جا تن ڪيا مشعل وانگ منڊل،
تن جي درشن ۽ ديدار تي ٿيا ملڪ رجوع موڪل،
تازي طنبيلن مون چڙهيا ٻحري پل،
شتابي سان شاه چڙهيو ماڻجهي تهين مهل،
جنهن جو ڏاڪو ڏرتيءَ تي هو منجهه قنڌار ۽ ڪابل،
پلڪ نه ترسيو پير سو جوان نه ڏني جهل،
جڻ موج منجهان درياهه جي اٿلي پوي اٿل،
ڪمائين پيل پٺاڻ تي سڀ اڙد رکي آهل،
ڪڙڪڙ ڳاڏن تي تليا ٿي توفن ڪي تل،
اچن سيهي داروءَ جا پريا قطاريا ڪرهن،
نفيلن ۽ نوبتان چوڏس چنگ وڄن چنچل،
جهجهي جهانه جهڪور ڪئي جرس ڪئي جا پل،
شرنائن سرود ڪيا ڪن ڪرنايون ڪر ڳل،
اڏري افلاطون جا هليا جال جبل،

مطلب ته فني ۽ تاريخي لحاظ کان آندل فقير جو اهو ڪلام تمام قيمتي ۽ سنڌي رزميه شاعريءَ جو شاهڪار آهي، جنهن ۾ شاه شجاع الملڪ ۽ ڪرڙي جي جنگ جو تفصيل سان بيان ڪيو آهي. هن ڪلام ۾ رزميه شاعري جون سموريون خصوصيتون موجود آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سچل سائين جو فارسي ڪلام

سچل سائين هڪ وڏو پرگو ۽ بلند پرواز شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌ جو ٻيو ڪوبه شاعر ڪونهي، جنهن مختلف ٻولين ۾ ايترو ڪلام چيو هجي. مرزا علي قلي بيگ جي تحقيق موجب هو پنهنجي انتقال وقت جيڪو ڪلام ڇڏي ويو ان جو تعداد نو لک ڇتيهه هزار، ڇهه سو ڇهه بيت هو.

سچل سائينءَ جو ڪلام سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي زبانن ۾ آهي. هتي سندس فارسي ڪلام جو سرسري جائزو پيش ڪجي ٿو.

فارسي شاعريءَ ۾ حضرت عبدالقادر جيلاني، شمس تبريزي خواجه احمد جام ۽ خواجه فريدالدين عطار جي ڪلام کان متاثر ٿيل ٿو ڏسجي ۽ انهن جهڙن بزرگن جون تصنيفات ڏسي سندس شاعريءَ جو سرچشمو آهن. هو پنهنجي ڪلام ۾ وقتاً فوقتاً انهن بزرگن کي ياد ڪري ٿو. مثلاً:

از شرح غوثيه اي اتقيا
ترجمه اين است ڪلام خدا

گر ڪسي ديوان شمس الحق بخواند باليقين
از خودي آزاد گردد زمن وماڏي بدل
من شدم عاشق به نام آشفتگان
رهه رفيف خواجه احمد جام ماست
راز وحدت نامه خواندم رمز "منطق طير" را
اين چنين فرموده ست آن خواجه عطار ما.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجموعو آهي، جو ٽي دفعا شايع ٿي چڪو آهي. پهريون دفعو مير علي مراد خان جي ڪوشش سان، ٻيو دفعو وليداس شڪارپوريءَ جي ڪوشش سان ۽ ٽيون دفعو ورهاڱي کان پوءِ لالا مڪند لعل جي قلبي ڪوشش سان شايع ٿيو.

اهو ڪتاب تصوف جو هڪ املهه ۽ بي بها خزانو آهي ۽ سچل سرمست جي بي خودي، ذوق، مستي ۽ بي باڪي جو ترجمان آهي.

(١) ساقي نامو

هي سچل سائين جي پاوپهن قطعن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ازل جي ساقيءَ کان معرفت جي شراب جي طلب ڪئي وئي آهي. هن ۾ مڪر ۽ رياڪاري زهد عبادت، ۽ انگوري شراب کان پاڻ کي دور رکڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي مثلا:

ساقيا اين شراب انگوري
ماڻ خواهم ڪزوست صددوري
لازوال ست آن مئي وحدت
آن بنو شان زهم زمهجوري

(٢) مثنوي تار نامو

هي مثنوي بحر رمل مسدس محذوف ۾ ٢٢٦ شعرن تي مشتمل آهي جنهن ۾ هڪ ساز جي تار جو قصو بيان ڪري، هجر ۽ وصال جي حقيقت کي آشڪار ڪيو ويو آهي. جهڙي طرح مولانا روم هڪ بينسريءَ جي صدا کان متاثر ٿي، انسان جي اصليت ۽ حقيقت جي تمثيل پيش ڪئي آهي تهڙي طرح سچل سائين تار جي ذريعي معرفت جي مخفي راز کي ظاهر ڪيو آهي.

جيڪو منصور حلاج جي شهادت جي بيان تي ختم ٿئي ٿو. هن ۾ حقيقي محبوب سان ملڻ جا رستا به ڏسيا ويا آهن ۽ پاڻ فرمائي ٿو ته:

هرکہ مي خواهد کہ حق واصل شود
اندرين وصلت همہ حاصل شود

## (۱۰) وحدت نامو

هي لمبو نظم آهي جيڪو ٦٤ بندن تي مشتمل آهي. هرهڪ بند ۾ ڇهہ هم قافيہ مصراعون آهن، ۽ هرهڪ مصرع جو وزن فعلن فعلن آهي. هن ۾ به تصوف جي ان نڪتي جي وضاحت ڪئي وئي آهي ته وحدت ۽ ڪثرت ٻئي هڪ آهن. ڪائنات ۾ جو ڪجهہ آهي، اهو صفات جي صورت ۾ نظر اچي ٿو، ۽ اهو عين ذات آهي. شاعر نعرو هڻي چوي ٿو ته:

حقاکہ زخود سخن راست گفتم- اشک ازديد روانم
کنم از درد بيانم- نہ هينم نہ همانم- همہ سرسجانم

## (۱۱) بحر طويل

هي غزل نما قطع جي صورت ۾ هڪ طويل نظم آهي، جيڪو سچل سائين ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. هن ۾ لفظي، معنوي ۽ تاريخي لحاظ کان بيشمار غلطيون آهن. انهي کانسواءِ سچل سائينءَ جي آفاقي مسلک تي پورو نہ ٿو اچي. شايد ڪنهن اناڙي ملا هي نظم لکي عارف سچل ڏانهن منسوب ڪيو آهن.

۽ پڙائي ٿو ته:

اوهان جنهن کي هندو سڏيو ٿا، سو نه ٻي ديـن آهـي نه اسلام ۾ آهي، هو هندي، سنڌي يـا شامي ناهي، هو نه سفر ۾ آهي نه حضر ۾. هو ته پاڻ بادشاهه آهي ۽ پنهـنجي مـدد پاڻ ڪري ٿو."

انهن مثالن مان اندازو لڳائي ٿو سگهجي ته سچل سائين هڪ "بي نظير آفاقي" شاعر آهي، جيڪو قـدم قـدم تـي اخوت ۽ مساوات جي تبليغ ٿو ڪري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu